وِڃُ ويڄن وَٽِ، جي سِڪين تہ سَگهو ٿيين (شاهہ)

ماهوار

# ويڄ

ڪراچي

ABC CERTIFIED

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو



آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر سٽي ڪلفٽن ڊويزن (ايس.اي) ڪي. ڊبليو اينڊ ايس. بي

نمبر: اي.اي. سي.ڊي. ڪلفٽن / سيو/ اڪائونٽس/ 1 / 92-93 / 144 تاريخ: 5-6-93

## گئلپ ٽينڊرس

**ڪي. ڊبليو اينڊ ايس.بي وٽان مجيل ٺيڪيدارن کان هيٺين ڪمن لاءِ مهر بند ٽينڊر گهرائجن ٿا.**

| جريان نمبر | ڪم جو تفصيل | ڪٿيل رقم | سوٽي رقم | ٽينڊرجو ملهه | مدو |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | مينسفيلڊ اسٽريٽ ايس ڪوارٽرس وٽ 15 ڊاءِ جي آن سروس ايبل سيوريج لائين جي ريپلينسمنٽ | 190210/= روپيا | 3804/= روپيا | 200/= روپيا | هڪ مهينو |

ٽينڊر جا ڪاغذ ايگزيڪيوٽو انجنيئر سٽي ڊويزن -1 (ايس .اي ڊبليو ڪلفٽن. ڪي. ڊبليو اينڊ ايس. بي، ڊينسو هال، ايس .اي (سائوٿ) سيوريج، ڪي. ڊبليو اينڊ ايس. بي صدر ڪوآپريٽو مارڪيٽ صدر ۽ سي.اي (سيوريج) ڪي ڊبليو اينڊ ايس. بي. ايم. آر ڪياني روڊ. واٽر هائوس) جي آفيس مان مٿي ڄاڻايل رقم (ناقابل واپسي) جي ادائگي تي صبح 9 لڳي کان منجهند 12 لڳي جي وچ واري وقت ڪنهن به ڪم واري ڏينهن تي، سواءِ ٽينڊر کلڻ واري ڏينهن جي حاصل ڪري سگهجن ٿا.

ٽينڊر جي ڪاغذن سان گڏ 2 سيڪڙو سوٽي رقم مٿي ڄاڻايل ملهه مطابق ڪنهن به مجيل بئينڪ مان پي آرڊر جي صورت ۾ شامل هئڻ گهرجي.

ٽينڊر سپرنٽنڊنٽ انجنيئر (سائوٿ) سيوريج صدر ڪو آپريٽو مارڪيٽ صدر ڪراچي جي آفيس ۾ 19-6-93 تي منجهند جو ڏيڍ وڳي اهڙن ٺيڪيدارن جي موجودگي ۾ کوليا ويندا، جيڪي اتي موجود هئڻ جي خواهش رکندا هوندا.

ڪي ڊبليو اينڊ ايس بورڊ ڪنهن به ٽينڊر کي مڃڻ يا رد ڪرڻ جو بنا ڪنهن سبب ٻڌڻ جي حق محفوظ رکي ٿو.

**انفرميشن / ڪراچي 3083**

**ڪي. ڊبليو اينڊ ايس. بي 93 / 102**

# ايڊيٽوريل

اخباري اطلاع موجب سنڌ جا ڪافي شهر ۽ ڳوٺ التي، دَست ۽ پيٽ جي ٻين بيمارين جي وبا ۾ ورڙهجي ويا آهن. ۽ اسپتالون اهڙن مريضن سان ٽُٻ لڳيون پيون آهن، ڪٿي ڪٿي ته اسپتالن ۾ مريضن جي علاج جي گنجائش ئي ڪو نه ٿي هجي ۽ مريض ويچارا الله جو آسرو ڪري گهرن ڏانهن موٽي پيا وڃن.

سوچڻ جهڙي ڳالهه اها آهي ته اُهي وبائي بيماريون اُلٽي دستن جي شڪل ۾ هجن يا ڪنهن ٻئي نموني جون، بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي پنهنجي مرضي سان اسان جي ملڪ ۾ ڦهلجي وينديون آهن، جڏهن ته بيماري جي ڦهلجڻ جا سبب به سڀني سامهون ائين چٽا آهن جيئن اڇي ڪپڙي تي ڪارو ڇُٽو. اُلٽي دست هن سڄي ديس جي ڪيترن ئي شهرن کي وڪوڙي ويا، سرڪار توڙي صحت سان واسطو رکندڙ فرد انهي جي ڪارڻ جي چڱي طرح ڄاڻ هوندي به عام ماڻهوءَ کي اهو سمجهائي ڪو نه سگهيا يا وري سمجهائڻ جي ڪوشش ئي ڪو نه ڪيائون ته صرف پاڻي ۽ ڪاڌي جي صفائي انهيءَ مصيبت کي روڪڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي، هونءَ ته ميونسپل وارا سدائين پيا ناڪا، چنگيون پيا ٽيڪس وصول ڪندا پر جڏهن ڪا وبائي صورتحال ايندي ته ان جا ڪارڪن اينتري تڪليف نه ڪندا ته شهر جو ڪٿي چڪر لڳائين ته ڇا، چڱو ۽ ڇا منو پيو وهي واپري. جيڪا سندن ذميواري به آهي ته اخلاقي فرض به.

اخبارون، ريڊيو ۽ ٽيليويزن هوندئن ته الاجي ڇا ڇا پيا ڇاپيندا ۽ نشر ڪندا پر بيمارين جي وبائي صورتحال ۾ ڪڏهن به ڪنهن پنهنجي اخبار ۾ چڱي جڳهه ڏئي يا ريڊيو ٽي.وي تي گهڻو وقت ڏئي عام ماڻهوءَ کي بيمارين کان بچاءَ جي ڄاڻ ڏيڻ جي ڪوشش مشڪل ڪئي هوندي. اگر ڪنهن ڪئي به آهي ته اها اٽي ۾ لوڻ برابر. ڇا انساني زندگيءَ کي بچائڻ کان وڌيڪ اسان جي ماس ميڊيا تي هلندڙ پيا موضوع وڌيڪ اهم آهن...؟

افسوس......!

اچو ته گڏجي عهد ڪريون ته انساني صحت اسان منجهان هر هڪ لاءِ سڀ کان پهرين حيثيت رکندي ۽ اسان منجهان هر هڪ ڄڻو، خاص ڪري بيمارين کان بچاءَ جي طريقن کي سمجهڻ ۽ ٻين کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو. اهو فقط ڊاڪٽر يا طب سان لاڳاپيل ماڻهن جو ئي ڪم نه آهي، پر هر سٺي سوچ رکندڙ ۽ سلجهيل ذهن جو فرض آهي ته هو هردم انساني جان کي جوکي ۾ پوڻ کان بچائي ۽ جڏهن هر ماڻهو ان جهاد ۾ شامل ٿي ويندو تڏهن هڪ ڏينهن اهڙو اچي ويندو ته اهڙي خبر ڪير نه ٻڌندو ته فلاڻو ماڻهو وبائي بيماري سبب اجل جو شڪار ٿيو.

بيمارين کان بچاءُ جا ته رهيا اهي حال، پر اڄ ڪلهه بيماري جو علاج به وڃي پيو مسئلو بڻبو. اڃان (6) ڇهه مهينا به نه گذريا آهن جو سرڪار پاران دوا ساز ڪمپنين کي دوائن جي قيمت ۾ (10) ڏهه سيڪڙو واڌ آڻڻ جي اجازت ڏني وئي هئي ته وري تازي آيل بجيٽ ۾ ڪين (20) ويهه سيڪڙو تائين قيمتن وڌائڻ جي موڪل ملي وئي آهي، هاڻي مسئلو اهو ٿو پيدا ٿئي ته هڪ پاسي بيمارين کان بچاءُ بابت ڪم ٻڙي، ٻئي پاسي وري علاج ايڏو مهانگو ته اهڙي ٻن پڙن واري چڪي ۾ پيسجندڙ قوم جو مستقبل ڪهڙو صحتمند رهندو ۽ اسان "سال 2000ع تائين صحت سڀن لاءِ" واري بين الاقوامي پيماني تي ڪئين پورا ايندا سين.

**(ادارو)**




Adarts- HRA- 5/92




# الٽرا سائونڊ وسيلي بيمارين جي ڳولها

**ڊاڪٽر ڪشور ڪمار ڪتري**
ايم.بي.بي.ايس، ايم.اي.آءِ.ايم (يو.ايس.اي) ميڊيڪل آفيسر سول اسپتال شڪارپور

**انسان** جنهن کي رب العزت اشرف المخلوقات بنايو آهي، ان جي هر وقت اها ڪوشش رهي آهي تہ هو پنهنجي ماحول ۽ چوڌاري وسندڙ شين جي اصليت کي جاچيندو ۽ پروڙيندو رهيو آهي ۽ اها ئي علم حاصل ڪرڻ ۽ سائنس جي ترقي جي راهہ آهي. هن هڪ طرف پنهنجي علم جي مدد سان چنڊ تي قدم رکيا آهن تہ ٻئي طرف ان مان ملندڙ وسيع معلومات کي انسان ذات جي بهتري ۽ ڀلائي لاءِ استعمال ڪيو آهي ۽ ڪيترن ئي نون مشاهدن مان فائدو وٺندي انسان ۽ انساني ڇڳيلائي لاءِ تحفظ ۽ سهولت جون راهون کوليون آهن.

اهڙن جديد راهن مان هڪ نئون طريقو الٽرا سائونڊ جو بہ آهي جنهن جي وسيلي ڪيترين ئي بيمارين کي سڃاڻڻ ۾ ڪافي مدد ملي رهي آهي. هن طريقي ۾ وقت ۽ پئسي جي بچت کان علاوه غير ضروري آپريشن ۽ جن ڏکين طريقن سان اڳ چڪاس وغيره ڪئي ويندي هئي، ڪان

# ننڊ ۾ هلڻ

**خيرالنساءِ جعفري**

**ننڊ** ۾ هلڻ هڪ خفيف قسم جي ذهني بيماري آهي، جنهن کي نفسياتي اصطلاح ۾ "سومنبولزم" (Somnabolism) چئبو آهي. هن مرض جي نوعيت ذري گهٽ خواب وانگر ٿيندي آهي. خوابن وانگر ننڊ ۾ هلڻ جا ڪارڻ به دٻيل امنگون، ڏوهه جو احساس، اڌورا آدما ۽ گذريل تلخ يادون هوندا آهن.

خواب ۽ ننڊ ۾ هلڻ ۾ فرق فقط اهو آهي ته پهرينءَ حالت ۾ ذهن جو احساسي پهلو غائب هوندو آهي ۽ پوئين حالت ۾ ڪرداري پهلو. خواب هڪ عام ذهني عمل آهي ۽ ننڊ ۾ هلڻ خاص ڪري ڪرداري خامي خرابي تاثرات پيهر شعوري سطح تي آڻي سگهجن ٿا. پر ننڊ ۾ هلڻ جو ڪو به احساس ۽ تاثر ياد نه ٿو رهي.

ننڊ ۾ هلڻ جنهن کي نفسياتي طور تي اڌ چريائيءَ جي نشاني سمجهيو وڃي ٿو، "شخصي ورهاڱي" جو سبب سمجهيو وڃي ٿو. "شخصي ورهاڱي" جو تصور اسين "جيني" (Janet) نالي ماهر نفسيات جي نهر جي تنگيءَ واري مثال سان پيش ڪري سگهون ٿا. جهڙيءَ طرح نهر ۾ پاڻيءَ جو وهڪرو ضبط ۽ تسلسل سان جاري رهي ٿو ۽ نهر ۾ جيڪڏهن ڪا تنگي اچي وڃي ته پاڻي قدرتي طور تي ڪنارا پلٽيندو يا ڪو ٻيو رخ اختيار ڪندو، جنهن جي نتيجي ۾ بنيادي نهر مان هڪ ٻي شاخ نڪري ايندي. ساڳيءَ طرح انساني ذهن ۽ ان جون ڪيفيتون به ضبط ۽ تسلسل جي اصول تي جاري رهن ٿيون.

**خواب ۽ ننڊ ۾ هلڻ ۾ فرق فقط اهو آهي ته پهرينءَ حالت ۾ ذهن جو احساسي پهلو غائب هوندو آهي ۽ پوئين حالت ۾ ڪرداري پهلو.**

جيڪڏهن انهن ڪيفيتن ۾ ڪو انتشار برپا ٿي پوي، ڪنهن نراسائيءَ جو احساس پيدا ٿئي يا ڪو جنسي جهٽڪو لڳي ته اهڙين صورتن ۾ دٻيل جذبا پنهنجي اظهار جي هڪ نئين شڪل اختيار ڪندا آهن. اهڙي هڪ ئي شخصيت مختلف حصن ۾ ورهائجي وڃي ٿي، جن مان هڪ ته ظاهري روپ هوندو آهي، جنهن سان معاشري کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ۽ ان جو اندريون روپ، جيڪو بغاوت تي ياڙي اندر ئي اندر پيو اڇلون کائيندو آهي. ظاهري روپ ۾ اچان اڪ ئي مس لڳي ته اندرئين من کي اچي پنهنجي اظهار جي اڻ تڻ لڳندي ۽ پوءِ اندر جي آواز تي ظاهريُ روپ به اٿي کڙو ٿيندو. اهو ظاهري روپ شعور جي احساس کان محروم هجڻ جي حالت ۾ اهڙا ڪم ڪرڻ لڳندو، جو هوند سجاڳيءَ ۾ به نه ڪري. جڏهن سجاڳ ٿيندو ته ڪيس ڪا به ڪل نه پوندي ته مون ڇا ڪيو ۽ ڇو ڪيو؟ ٻين اکرن ۾ ائين چئجي ته ننڊ ۾ هلڻ لا شعوري ڇڪتاڻ جو هڪ غلط ۽ نامناسب رد عمل آهي، جنهن ڪري شخصيت مان هم گيري ۽ هڪجهڙائي ختم ٿيو وڃي ۽ هو پاڻ تي ضابطو رکڻ جي قابل نه ٿو رهي.

جذباتي ڪشمڪش هجي يا آدماتي ڇڪتاڻ، ڏوهه جو احساس هجي يا جنسي ولوڙ، هر صورت کان بچڻ لاءِ انسان جو من بچاءَ جون رٿون رٿيندو ٿو رهي. پر جڏهن مونجهارا ۽ ناڪاميون حد کان ٽپيون وڃن، تڏهن انسان خودڪشيءَ جو رستو اختيار ڪري ٿو يا وري ذهني توازن وڃايو ويهي، انهن ٻنهي انتهائي حالتن کان بچائڻ لاءِ ذهن هڪ ٽين دفائي صورت ٿو رٿي. "خواب خرامي" دنيا مان بيزار ٿي خودڪشي ڪرڻ يا پريشانين ۾ ڦاسجي چريو ٿيڻ کان بچايو ڇڏي. خواب خراميءَ ۾ جذباتي ڇڪ، جنسي تانگهه، گذريل يادون، ڏوهن جو احساس، اندر جون تانگهون، من جون ريسون ۽ ڇڪون ته فطري امر آهن. ڪي ورلي ماڻهو هوندا

چنڊ جي روشني به هن بيماريءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿي. "لئنڊس ۽ بولس (Landis & Bolles) پنهنجي ڪتاب" ايبنارمل سائيڪالاجي" (Abnormal Psychology) ۾ هن بيماريءَ جو ذڪر ڪندي چنڊ کان متاثر ٿيندڙ شخصيت جو حوالو ڏنو آهي. جيتوڻيڪ هن مذڪوره ڪتاب ۾ مڪمل وضاحت ڪو نه ڪئي آهي، البته ايترو اندازو لڳايو آهي ته چنڊ جي تاريخن ۽ ان جي اڀرڻ جو تعلق هن بيماريءَ سان ٿي سگهي ٿو. سندن راءِ مطابق جهڙيءَ طرح چنڊ جي ڪشش سامونڊي ڇولين کي مٿي اڀرڻ تي آماده ڪري ٿي تهڙيءَ ريت انسان به ان مقناطيسيت کان آجو نه ٿو رهي سگهي.

ڪائنات جو هر ذرو زمين جي پستين کان وٺي آسمان جي بلندين تائين هڪ ئي مادي ذريعي ڳنڍيل آهي، اهي معدني قوتون جيڪي زمان و مڪان ۾ ڳهيريل آهن، سي ئي انسان ۾ به موجود آهن. جڏهن چنڊ جي روشني پاڻيءَ ۾ معدنيات کي انتشار ۾ آڻي اڀاري ٿي ته انسان ۾ به ڪيميائي تبديليون ان چانڊوڪيءَ کان متاثر ٿي نمايان ڇو نه ٿين؟ خود انسان اندر ڪافي انداز ۾ مقناطيسيت موجود هوندي آهي. سائنس ثابت ڪيو آهي ته روشنيءَ ۾ به اهي ئي لهرون موجود آهن جيڪي انساني خيالن ۾ آهن. ٻنهي جو ساڳيو مواد هڪ ئي اصول تي ڪم ٿو ڪري.

**ليڊي مئڪبٿ جو قصو خواب خرامي ۾ احساس جرم ڪي لڪائڻ جو حقيقي ثبوت آهي، جنهن مطابق ليڊي مئڪبٿ، بادشاهه کان مارائي پنهنجي دوست کي هٿ ٺي ڪري، پر ان ڏوهه جو احساس سندس پٺ نه ٿو ڇڏي. نتيجي طور هوءَ رات جو ننڊ مان اٿي ٿي ۽ پنهنجا هٿ ڌسي وٺي ٿي ته سندس هٿن تي خون جا داغ آهن جيڪي ڌوپي به نه ٿا سگهن.**

**ليڊي مئڪبٿ ننڊ ۾ هلندي ۽ ڳالهائيندي ئي پنهنجا سڀئي راز ظاهر ڪيا ۽ اهڙيءَ حالت ۾ ئي خودڪشي ڪري ڇوٽڪارو حاصل ڪيائين.**

تنهن ڪري جيڪڏهن چنڊ جي روشني انسان کي چرڀر تي مجبور به ڪري ته اها حيرت جي ڳالهه نه ٿيندي. هڪ ماهر نفسيات جا لفظ آهن ته: "ڪشش حيوانيءَ جون لهرون به خيالي لهرن وانگيان ماحول تي اثر انداز ٿين ٿيون."

جڏهن اسان سوچيون ٿا ته اسان جي دماغ مان ايٿريڪل لهرون شعاع نور وانگر نڪريو ٻين جي دلين ۾ پون. جيڪڏهن فڪر ۽ خيال جو عمل نا هموار ۽ نا پختو آهي ته دماغ مان ڪمزور شعاع نڪري فضا ۾ منتشر ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن تخيل يعني سوچڻ جي عمل ۾ پختگي، استحڪام ۽ استقامت آهي ته خيال هڪ تيز رفتار راڪيٽ وانگر پنهنجي نشاني تي وڃي ٽڪراءُ ڪندو. منفي خيالات جهڙوڪ خوف، غصو، غم، بغض، حسد، نفرت، تعصب، ڪينو، انتقام، دنيا کان بيزاري، احساس ڪمتري، حقارت، عداوت، خباثت ۽ غيبت وبائي مرض وانگر آهن جيڪي نه صرف عامل جي ذهني ڪشش ۽ حيواني مقناطيسيت کي تباهه ڪريو ڇڏين بلڪه ٻين کي به ملال، افسردگي ۽ بيزاريءَ ۾ مبتلا ڪريو وجهن. خيالات مادي جي ئي ترقي يافته شڪل آهي. انگريزيءَ ۾ قول آهي ته "خيالات به شين وانگيان اهميت رکن ٿا."

ڪائنات ۾ فقط هڪ ئي مادو آهي. هن مادي جي ترتيب سان خيال به وجود ۾ اچن ٿا ته شيون به، فرق رڳو اهو آهي ته شيون جاءِ والارين ٿيون ۽ ڪين جسم هوندو آهي، جڏهن ته خيالاتي پيڪر نظر نه ٿا اچي. جڏهن اسين سوچون ٿا ته فضا ۾ سنهين سنهين لهرن جو هڪ ڄار وڇائجيو وڃي. اهو ضروري آهي ۽ نه ممڪن، ته اسان اکين سان انهن کي ڏسي به سگهون. البته صاحب وجدان ان کي محسوس ڪري سگهن ٿا. جهڙي طرح چقمق لوهه کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو ۽ ان جون لهرون ڏسڻ ۾ نه ٿيون اچن، خيالات جي لهرن جو طريقه ڪار به اهو ئي آهي. مثبت خيال، به اختيار اسان کي پاڻ ڏانهن مائل ڪريو وجهن. اُميد، يقين، اعتماد، محبت، خلوص، مسرت ۽ زنده دليءَ جهڙن لطيف جذبن جي عظمت ۽ حرمت کان ڀلا ڪنهن کي انڪار ٿي سگهي ٿو! ان جي برعڪس منفي خيال برقي ڪرنٽ جيان ڌڪو ڏئي روحاني ۽ نفسياتي طور تي مجروح

# صحت سڀني لاءِ سن 2000ع تائين

# HEALTH FOR ALL BY THE YEAR 2000

ڊاڪٽر خليل الله شيخ

"Attainment by all the people of the world by the year 2000 of a level of health that will permit them to lead a socially and economically productive life." (W.H.O)

**اسان** جي هيءَ اڄوڪي دنيا ترقي يافتہ (مثلاً آمريڪا، برطانيہ ، فرانس) ۽ ترقي پذير(جهڙوڪ هندوستان، پاڪستان، بنگلاديش) علائقن ۾ ورهايل آهي. هن ورهاست جو بنياد مناسب آمدني، خوراڪ، تعليم، صفائي، روزگار جي موقعن، پيئڻ جوڳي پاڻيءَ ۽ صحت جي سهوليت جي فراهميءَ تي ٻڌل آهي. ترقي يافتہ ملڪن جي عوام جي گهڻائيءَ ۽ ترقي پذير ملڪن جي چند خاص مراعات يافتہ طبقن کي صحت جي بحاليءَ جون هي شيون ميسر آهن، جنهن جي ابتڙ ترقي پذير ملڪن جي صرف ڏهہ کان ويهہ سيڪڙو عوام جي پهچ صحت جي سهوليتن تائين آهي. هتي ٻار جي پيدائش کان پهرين سال جي اندر موت جي شرح 6 کان 25 سيڪڙو آهي ۽ حياتيءَ جي شرح ترقي يافتہ ملڪن جي مقابلي ۾ 30 سيڪڙو گهٽ آهي.

ترقي پذير ملڪن ۾ موجود صحت جون صحولتون عوام جي توقعات مطابق آباديءَ ۽ ايراضيءَ جي لحاظ کان هڪ طرف گهڻو گهٽ تہ ڪٿي وري انهن جي غيرضروري گهڻائي آهي. ڪيترن ئي اهڙن ملڪن ۾ خاص طرح ٻهراڙين جي آباديءَ جو چڱو خاصو انگ صحت جي سهوليتن کان محروم پئي رهيو آهي. صحت کي بنيادي انساني حق مڃيو تہ وڃي ٿو پر هي حق لکين عوام جي غربت ۽ بيماريءَ جي شيطاني چڪر ۾ پنهنجي اهميت وڃائي ويهي ٿو. صحت ۽ صحت جي سهوليتن ۾ هي فرق مختلف ترقي پذير ملڪن جي وچ ۾ يا ساڳي ملڪ جي مختلف علائقن ۽ عوام ۾ (صحت تي وڏندڙ خرچ جي باوجود) هڪ جيترو ئي نمايا پئي رهيو آهي.

> **صحت کي بنيادي انساني حق مڃيو تہ وڃي ٿو پر هي حق لکين عوام جي غربت ۽ بيماريءَ جي شيطاني چڪر ۾ پنهنجي اهميت وڃائي ويهي ٿو**

مٿي بيان ڪيل پس منظر پٽاندڙ، ورلڊ هيلٿ اسيمبليءَ (W.H.A) جي ٽيهين گڏجاڻي (مئي 1970 ۾ هي ٺهراءَ پاس ڪيو ويو تہ "سڀني حڪومتن ۽ عالمي اداره صحت(ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن W.H.O ) جو هي هدف هجي تہ هن صديءَ جي باقي رهيل ڏهاڪن ۾ سن 2000ع تائين دنيا جي سمورن انسانن جي صحت ۾ اهڙو تہ سڌارو آڻجي تہ جيئن هو سماجي ۽ معاشي طرح ڪامياب زندگي گذاري سگهن." هي آهي صحت سڀني لاءِ سن 2000ع تائين يا Health for all by the year 2000.

هن هدف يا مقصد جا ٻہ رخ آهن:

1. دنيا جي سموريءَ آباديءَ جي صحت کي هر ممڪن حد تائين مٿانهين سطح تي آڻڻ تہ جيئن..........

2. هو پنهنجي روزمره جي سماجي ۽ معاشي زندگيءَ ۾ ڪاميابي ماڻي سگهن. لهذا صحت سڀني لاءِ جو مطلب هي ٿيو تہ صحت جي سهوليتن جو استعمال هر شهريءَ جي پهچ ۾ هجي. هي تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن صحت جي فراهميءَ ۾ ايندڙ سموريون رڪاوٽون (جهڙوڪ بک، بيروزگاري، جهالت، بيماري، گندي پاڻيءَ جو مناسب نيڪال، اڻپورا گهر وغيره) مناسب نموني

**"سيني حڪومتن ۽ عالمي اداره صحت (ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن W.H.O) جو هي هدف هجي ته هن صديءَ جي باقي رهيل ڏهاڪن ۾ سن 2000ع تائين دنيا جي سمورن انسانن جي صحت ۾ اهڙو ته سڌارو آڻجي ته جيئن هو سماجي ۽ معاشي طرح ڪامياب زندگي گذاري سگهن."**

دور ڪيون وڃن.

صحت سين لاءِ هڪ جامع تصور آهي. جنهن ۾ زراعت، صنعت و حرفت، تعليم ۽ مواصلات وغيره به ايترائي اهم آهن جيترو علم صحت ۽ علم طب. هن تصور جو بنيادي اصول آهي صحت جي هڪ جهڙائي يعني سموري عوام کي بهتر صحت ماڻڻ جو موقعو مهيا ڪرڻ. بهرحال صحت سين لاءِ جو هي مقصد هرگز نه آهي ته سن 2000ع تائين ڊاڪٽر ۽ نرسون دنيا جي سمورن ماڻهن کي سندن مرضن لاءِ طبي امداد ڏيندا ۽ نه ئي هي مطلب ته سن 2000ع تائين سڀ انسان خوش چڱا ڀلا ٿي ويندا ۽ ڪو بيمار باقي ڪو نه رهندو. بلڪه ان جو مقصد آهي ته سن 2000ع تائين سموري دنيا ۾ ملڪي ۽ علاقائي سطح تي موجود صحت سنڀال جي وسيلن جي آباديءَ جي هر طبقي ۾ هڪ جهڙي ورهاست ۽ فراهمي ۽ گڏوگڏ ملڪي ۽ علاقائي سطح تي عوام جي سماجي ۽ معاشي ترقي.

صحت سين لاءِ ڪئين حاصل ڪجي؟

مٿين مسئلن تي بحث ڪندي عالمي اداره صحت(W.H.O) ۽ يونيسيف (UNICEF) جي گڏيل بين الاقوامي ڪانفرنس (الما آتا- 1978) ۾ 134 ملڪن جي حڪومتن ۽ ڪيترين ئي رضاڪار تنظيمن صحت سنڀال جي هڪ انقلابي تجويز پيش ڪئي. هن تجويز هيٺ ترقي پذير ۽ ترقي يافته ملڪن ۾ صحت جي سهولتن جي اڻ برابريءَ تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي اقوام متحده جي صحت سين لاءِ واري مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ بنيادي يا اولين صحت سنڀال (Primary Health Care) کي ذريعو بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو.

P.H.C = Essential health care based on practical, ScienficallySound and Socially acceptable methods and technology made universally accessible to individuals and families in the community through their full participation and at a cost that the community and the country can afford to maintain at every stage of their development in the spirit of self determination. (W.H.O)

بنيادي صحت سنڀال يا Primary health care جو نسبتاً هڪ نئون ذريعو آهي جنهن ۾ آباديءَ جي صحت سڌاري لاءِ صحت جي چند بنيادي ۽ ضروري جزن کي هڪ ٻئي سان جوڙيو ويو آهي. جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هيٺيان اٺ (8) ضروري جزا اچي وڃن ٿا.

1. عوام تائين صحت جي عام مسئلن ۽ انهن جي حل ۽ بچاءَ متعلق ڄاڻ پهچائڻ.
2. عوام لاءِ مناسب خوراڪ جي فراهمي.
3. صاف پاڻي موجود ڪري ڏيڻ ۽ بنيادي صفائيءَ جوڳو انتظام.
4. ماءُ ۽ ٻار جي صحت سنڀال (آباديءَ ۾ واڌ تي ڪنٽرول سميت).
5. عام بيمارين ۽ ڌڪن ڦٽن جو مناسب علاج.
6. وچڙندڙ بيمارين خلاف بچاءَ جا ٽڪا.
7. عام وبائي بيمارين کان بچاءَ ۽ انهن تي ڪنٽرول.
8. عوام لاءِ ضروري دوائن جي فراهمي.

هن فهرست ۾ مقامي ضرورتن مطابق

**لهذا صحت سيني لاءِ جو مطلب هي ٿيو تہ صحت جي سهوليتن جو استعمال هر شهريءَ جي پهچ ۾ هجي. هي تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن صحت جي فراهميءَ ۾ ايندڙ سموريون رڪاوٽون (جهڙوڪ بک، بيروزگاري، جهالت، بيماري، گندي پاڻيءَ جو مناسب نيڪال، اڻپورا گهر وغيره) مناسب نموني دور ڪيون وڃن.**

گهاٽ واڌ ڪري سگهجي ٿي، جهڙوڪ: عمر رسيده پوڙهن جي خاص سار و سنڀال، دماغي مريضن جو علاج، نشي دار شيون واپرائيندڙن جو علاج ۽ بحالي وغيره. پرائمري هيلٿ ڪيئر جو بنياد جن بنيادي اصولن تي ٻڌل آهي تن ۾ سماجي هڪ جهڙائي، قومي سطح تي سهوليتن جي فراهمي، خود انحصاري، مختلف کاتن جو پاڻ ۾ تعاون ۽ عوام جو بنيادي صحت سنڀال جي هر سطح (رٿابنديءَ کان ويندي عمل تائين) تي جوڳو ڀرو وٺڻ شامل آهي.

---

سنڌي زبان ۾ پهرين ميڊيڪل ڊڪشنري ترتيب ڏيڻ لاءِ ميڊيڪل ڊڪشنري ڪميٽي، سنڌ جي سيني سڄاڻ عالمن، سنڌي ٻوليءَ جي گهڻ گهرن، ڊاڪٽرن ۽ ميڊيڪل جي ڪنهن بہ اسپيشلسٽيءَ سان لاڳاپيل ماهر / توڙي ميڊيڪل جي تعليم ڏيندڙ استادن / پروفيسرن کي گذارش ٿي ڪجي تہ هو مهرباني ڪري هن قومي ۽ سائنسي ڪم ۾ اسان جي رهنمائي ڪندي ميڊيڪل جي مختلف اصطلاحن جا سنڌي متبادل اصطلاح يا ترجما هيٺين ايڊريس تي موڪلي ڏين.


**ڊاڪٽر شرف علي شاهہ**

ڪنوينر

سنڌي ميڊيڪل ڊڪشنري ڪميٽي

رمپا پلازا - ڇهين ماڙ ڪمرو نمبر - 11

ايم. اي جناح روڊ، ڪراچي. سنڌ

# عام معلومات

علي مرتضيٰ ڌاريجو

## ڇا توهان ٻڌائي سگهو ٿا؟

1. شايد ئي ڪو اهڙو فرد هجي جنهن وٽ سال ۾ هڪ اڌ دفعو ڪوريزا (Coryza) مهمان نه ٿيو هجي. ڪيترن ماڻهن وٽ ته ڪوريزا وري وري ايندو رهي ٿو. ڇا توهان ٻڌائي سگهو ٿا ته اسين ڪنهن جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون؟
2. پليسبوز (Placebos) ڇا آهن يا ڪير آهن؟
3. ٽائيڊل واليوم (Tidal Volume) ڇا آهي؟
4. ڪهڙي بيماريءَ کي ڪوچ جي بيماري (Koch's) سڏيو ويندو آهي ۽ ڇو؟
5. نڪٽوپيا (Nyctopia) ڇا آهي؟
6. اسان سڀني کي خبر آهي ته ڪنڊن ۾ وڏي ۾ وڏو ڪنڊ ايشيا آهي پر توهان کي ڄاڻ آهي ته يوٿنيشيا ( Euthanasia) ڇا آهي؟
7. هن وقت سڄي دنيا ايڊس جهڙي هاڃيڪار ۽ موت مار مرض کان ڊنل آهي پر ڇا توهان کي سڌ آهي ته ايڊيز ايجپٽاءِ (Aedes egypti) ڇا آهي؟
8. اسان سڀني کي خبر آهي ته اسان جي واڌ ۽ اوسر لاءِ وٽامنون تمام ضروري آهن ڇا توهان ٻڌائي سگهو ٿا ته وٽامن سيءَ جو سائنسي نالو ڇا آهي؟
9. جيڪڏهن توهان مرد ماڻهو آهيو ته هڪ نه هڪ ڏينهن (Alopecia) جو شڪار ٿي سگهو ٿا! ڇا توهان ٻڌائي سگهو ٿا ته اسان ڇا بابت ڳالهه ڪري رهيا آهيون؟

## جواب

1. عام ليس بخار کي سائنسي ٻوليءَ ۾ ڪوريزا سڏجي ٿو.
2. پلئسبوز هڪ قسم جون سڪٽيون دوائون آهن جيڪي نفسياتي طور تي فردن کي ڪارايون وينديون آهن. جيڪي هرو ڀرو پاڻ کي مريض پائيندا آهن. جڏهن ته اهي نه ته بيمار هوندا آهن ۽ نه ئي ڪن مرضن جو شڪار.
3. عام رواجي طور تي ساهه اندر کڻڻ ۽ ٻاهر ڪڍڻ لاءِ هوا جو جيڪو مقدار واپرايو وڃي ٿو. ان کي ٽائيڊل واليوم سڏجي ٿو.
4. ٽي.بي / سلهه کي ڪوچ جي بيماري به سڏجي ٿو ڇو ته هن سلهه پيدا ڪندڙ جيوڙي مائيڪو بئڪٽيريم ٽيوبرڪيولس ڳولهي لڌو هو.
5. نڪٽوپيا ڇيڪوريءَ جو سائنسي نالو آهي.
6. ڪنهن مرض ۾ لوڙيندڙ ماڻهو کي رحم هيٺ مرڻ ڏيڻ جو سائنسي نالو آهي. طب جي دنيا ۾ اها ڳالهه اڃان تائين بحث طلب رهندي آئي آهي.
7. ايڊيز ايجپٽاءِ مڇرن جي هڪ قسم جو نالو آهي جيڪو (Yellow fever) پيدا ڪن ٿا.
8. ائسڪاربڪ ائسڊ.
9. گنجائپ.

جو سور.

(پ) نڪ ۽ منهن وارين هڏين جي خالن جا مرض (Nasal Sinus Disease).

(ت) ڪن وٽ ڪاڏيءَ جي سنڌ جون بيماريون.

يا خوف جي ڪثرت ۾ مٿي جي سور جو سبب ٿي سگهي ٿي. اهي نفسياتي بيماريون هيٺين قسمن جون ٿي سگهن ٿيون.

**(الف) جذباتي ولوڙ** (Emotional Tension)



**دماغ جي پردن تي جيوڙن جي حملي سبب مٿي ۾ سور پوي ٿو. هن بيماريءَ ۾ مريض کي الٽيون به ٿين ٿيون، سنڌس ڪنڌ آڪڙجيو وڃي ۽ ڪڏهن ڪڏهن بيهوشي به طاري ٿيو وڃي.**

**8. نفسياتي مٿي جو سور:** (Psychological Headache):

مٿي جي سور جو هي قسم بلڪل عام آهي. ڏسڻ ۾ آيو آهي ته جڏهن ماڻهو پريشاني يا ڪنهن ذهني ڇڪتاڻ ۾ مبتلا هجي، غمگين هجي يا ذهني طور ڏاڍو مصروف هجي ته اهڙين حالتن ۾ ڪيس مٿي جي سور جي شڪايت رهي ٿي. اهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته انساني جذبا ڪيئن نه اسان جي جسم تي اثر انداز ٿين. جڏهن به انساني جذبن ۾ ولوڙ پيدا ٿئي ٿي معاشي طور روزگار جي ڪري، گهريلو جهڳڙن، ڪنهن بي حد مصروفيت يا ڪنهن غم ۾ مبتلا ٿيو ته ڪيس ضرور مٿي جي سور جي شڪايت ٿيندي. ٻين لفظن ۾ چئبو ته انساني جسم، دماغي سوچ سبب ٿڪجي پوڻ جو اظهار مٿي ۾ سور جي صورت ۾ ڪري ٿو. غم، غصي

**(ب) هسٽيريا** (Hysteria)

**(ٿ) خوفزدگي** (Depression)

**(پ) شيزوفرينيا** (Schizophrenia)

**مٿي جي سور جو علاج:** سڀ کان اول اهو معلوم ڪجي ته سور جو اصل سبب ڇا آهي؟ سبب دور ٿيو ته مرض ويو.

مثال طور:

1. جيڪو شخص پريشان آهي ۽ ذهني ڇڪتاڻ ۾ مبتلا آهي ته سندن پريشاني دور ٿيڻ شرط سندس مٿي جو سور ازخود ختم ٿي ويندو. اهو ڪم هڪ نفسيات جي ماهر (Psychiatrist) ئي بهتر طريقي ڪري سگهي ٿو، جنهن کي تحليل نفسي (Psychotherapy) چئجي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن دماغ کي سڪون بخشيندڙ دوائون به استعمال ڪجن ٿيون.

نفسياتي مٿي جي سور لاءِ مريض جون ذاتي ڳالهيون ڄاڻڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪجي. مريضن جي عادتن، طبيعت ۽ شخصيت جو ڇيد يا تجزيو (Analysis) ڪرڻ نهايت ضروري آهي. مٿي ۾ سور هڪ خاص قسم جي شخصيت وارن ماڻهن ۾ پوي ٿو، جنهن کي هٽي شخصيت

**پٺي جي ڪرنگهي جا ڪي هڏا پنهنجي جاءِ تان ڦريو وڃن ۽ انهن جي وچ وارا ڪشن Discs گسيو وڃن، جنهن ڪري ڪنڌ جون مشڪون تاڻجي مٿي جو شديد درد پيدا ڪن ٿيون.**

ٻين اهم سببن ڏانهن ڌيان ڏجي. ان لاءِ مريض جي ڪوپراڻيءَ جا ٻه ايڪسري ڪرائڻ به ضروري آهن ته جيئن، جيڪڏهن دماغ ۾ مسلسل وڌندڙ ڳوڙهو آهي، ته ان جو پتو لهي سگهجي ۽ علاج ڪنهن ماهر ڊاڪٽر ڪان ڪرائي سگهجي. مرض جو صحيح سبب ڄاڻڻ لاءِ سندس رت، پيشاب وغيره جي تپاس ڪجي. مريض ۽ سندس مائٽن کي علاج لاءِ ڊاڪٽر سان مڪمل تعاون ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي هدايتن تي عمل ڪرڻ گهرجي. دوا کائڻ ۾ باقاعدگي، مريض جي سار سنڀال (Nursing Care) صاف ۽ هوادار ڪمرو، پرسڪون ماحول ۽ متوازن غذا (Balanced Diet) علاج ۾ بنيادي حيثيت رکن ٿا.





نفسياتي مٿي جو سور اڪثر ڪري خراب ۽ جهيڙالو ماحول ڪري پيدا ٿئي ٿو، يا ته اهڙي ماحول کي مٿائي درست ڪجي يا وري مريض کي اهڙي ماحول کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪجي.

# جڏهن ڪتو چڪ پائي
# تڏهن ڇا ڪجي



جسم جي چڪ پائڻ واري هنڌ کي صابڻ
يا ڊيٽول واري پاڻيءَ سان چڱيءَ طرح ڌوئي
۽ خون بند ڪرڻ لاءِ صاف پٽي ٻڌجي.



ڪتي کي ڏهن ڏينهن لاءِ
ٻڌي ۽ نظرداريءَ هيٺ رکجي

ڊاڪٽر سان مشورو ڪريو
۽ اگر اهو سين لڳرائڻ جو مشورو
ڏئي ته فوراً لڳرايو.





جيڪڏهن ڪتو ڏهن ڏينهن تائين زنده
رهي ته ان ۾ ڇتپڻ موجود نه آهي.



جيڪڏهن ان عرصي ۾ ڪتو مري وڃي
ته بنا دير جي اسپتال ڏانهن وڃو.

# *"No, it's not sugar..."*



"This happens when I offer to make her tea for breakfast. She thinks I've perhaps put sugar in it as a joke. I did that once and she wasn't exactly amused. — You see, she has a horror of becoming 'a fat old married lady', as she puts it. This is where CANDEREL comes in. CANDEREL fits our lifestyle fine. We're not fitness freaks pumping iron and jogging into the sunset, but we stay fairly active and stick to a balanced diet. Fresh fruit, vegetables, white meat and a lot of laughter. And CANDEREL. So we don't have to give up desserts, tea or coffee."

**"No Sugar, its Canderel . . . . . . ."**







CANDEREL®

*A healthy part of modern living*

NUTRASWEET is an original **SEARLE** research product

S&S

سچو استعمال ڪرڻ گهرجي. جو تہ ايئن ڪرڻ سان ميوي ۾ شامل تاندورا پڻ بک گهٽائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا ۽ ان کان سواءِ ڇپي کائڻ واري عادت جو پڻ پوراءُ ٿيندو رهندو.

## تمام گهڻو وڌيل وزن يا ٿولهہ انساني صحت لاءِ جنجال بڻجيو وڃي.

4. زياده لوڻ يا کڙين شين جو استعمال بہ نہ ڪرڻ گهرجي ڇو تہ اهي بک وڌائين ٿا ۽ وڌيل بک ڪري گهڻي کائڻ سببان وزن وڌندو. گڏوگڏ لوڻ بلڊ پريشر بہ وڌائي ٿو.

5. کنڊ جو استعمال تمام گهٽ ڪرڻ گهرجي ڇو تہ کنڊ ۾ شامل ڪئلريز وزن کي وڌائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿيون. کنڊ بدران اهڙا مٺاڻ استعمال ڪرڻ گهرجن جن ۾ طاقت يا ڪئلريز جو مقدار تمام گهٽ هجي.

6. ڪاڌي جون عادتون مٽائڻ گهرجن - هڪدم پيٽ ڀري کائڻ بدران ڏينهن ۾ چار يا پنج ڀيرا ٿورو ٿورو ڪري کائڻ گهرجي. ڇو تہ ائين ڪرڻ سان ڪاڌي ۾ شامل ڪئلريزجسم ۾ هڪ دم داخل نہ ٿينديون ۽ استعمال بہ جلدي ٿي سگهنديون.

7. ڪاڌي ۾ وڌيڪ تاندورن واري غذا (High Fibre Diet) وڌيڪ استعمال ڪرڻ گهرجي جيئن سائي پن واريون سبزيون، ڪيرو، ڪدو، توري، ڀينڊي وغيره ۽ اُنهن کي اباري استعمال ڪرڻ وڌيڪ بهتر رهندو.

تاندورن واري غذا استعمال ڪرڻ جا ڪجهہ بيا بہ فائدا آهن جيئن تہ اها غذا معدي ۾ زياده دير تائين رکي ٿي ۽ بک

ٿولهہ جي ڪري جيڪي بيماريون اهان وٽ عام طرح ظاهر ٿين ٿيون انهن ۾ بلڊ پريشر، ڊيابيٽس، سنڌن جو سور، خون جي نلين جو سوڙهو ٿي وڃڻ، دل جون بيماريون ذهني دٻاءُ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شڪايتون شامل آهن.

جو احساس گهٽ ٿئي ٿو. ۽ ان کان پوءِ اها جيئن جو تيئن پائخاني ذريعي نڪري وڃي ٿي. هڪ اندازي مطابق اهڙو ڪاڌو جسم ۾ اندازً (10) ڏهہ سيڪڙو ڪئلريز جو واهپو گهٽائي ٿو. اهڙو ڪاڌو قبضي بہ ختم ڪري ٿو.

ڪاڌي ۾ چربي يا سٿيي وارن ڪاڌن جو مقدار تمام گهٽ هئڻ گهرجي ۽ ان جي پيٽ ۾ نشاستي وارا ڪاڌا زياده کائڻ گهرجن

8. ڪاڌي جي مناسب استعمال لاءِ زندگي مان ڇڪتاڻ گهٽائڻ گهرجي ڇو تہ ڇڪتاڻ سبب ماڻهو مناسب ۽ وقتائتو ڪاڌو کو نہ ٿو کائي سگهي.

9. گهٽ ڪاڌي کائڻ ۽ خاص ڪري تاندورن واري زياده غذا کائڻ ڪري جسم ۾ وٽامنس جو مناسب واهپو نہ ٿو ٿئي، ان ڪري روزانہ باقائدگي سان ڪجهہ نہ ڪجهہ وٽامنس جو استعمال ضروري آهي.

10. ڪاڌي جي وقتن جي وچ ۾ بک مارڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ هلڪي غذائيت واريون شيون استعمال ڪرڻ گهرجن ۽ تريل يا فرائي ٿيل ڪاڌن کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. سچي بناسپتي گيهہ، مکڻ، کير جي ملائي ۽ انڊي زردي ۾ سيچوريٽيڊ سٿيي ٿئي ٿو جيڪو دل جي دوري جو باعث بڻجي ٿو. ان جي جاءِ ٿي مکئي يا سورج مکي جو تيل ۽ مارجرن واپرائڻ گهرجي.

کنڊ جو استعمال تمام گهٽ ڪرڻ گهرجي ڇو تہ کنڊ ۾ شامل ڪئلريز وزن کي وڌائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪن ٿيون. کنڊ بدران اهڙا مٺاڻ استعمال ڪرڻ گهرجن جن ۾ طاقت يا ڪئلريز جو مقدار تمام گهٽ هجي.

# ننڊ

ڊاڪٽر عبدالحميد ميمڻ

ننڊ ڇا آهي؟ ڇو ٿي اچي.؟ دماغ کي ايڏي ڏکـي آرام ڪرڻ جي ضرورت ڇو آهي؟ ننڊ ۾ اسان خواب طور ڇا ٿا ڏسون اچو ته انهن سوالن جا جواب ڳولهيون.

ننڊ متعلق ڪيئي چوڻيون مشهور آهن. ننڊ ڪئي نهوڙي ڇڏيا. ننڊ اڌ موت آهي. ننڊ ٿڪل دماغ لاءِ علم آهي. ننڊ خوراڪ آهي. ننڊ سڀي ڏينهن جي مسئلن ۽ مونجهارن کي سلجهائي ٿي. انسان زندگيءَ جو اٽڪل ٽيون حصو ننڊ ۾ گذاري ٿو. جانور، پکي پرندا به ننڊ ڪندا آهن.



گهوڙو بيٺي ننڊ ڪندو آهي. ڇاول ٻار ڏينهن ۾ ويهه ڪلاڪ ننڊ ڪندو آهي. عام زندگي ۾ چوويهن ڪلاڪن ۾ اٺ ڪلاڪ ننڊ ڪرڻ کپي.

ننڊ هڪ اهڙي شئي آهي، جيڪا اچي سيني وٽ ٿي، پر ڏٺي ڪنهن به ڪانهي. يعني ننڊ کي ڏسي نٿو سگهجي. ننڊ هڪ عام آسانيءَ سان ورندڙ بار بار ايندڙ طبعي حالت آهي، جنهن ۾ ٻاهرين دنيا سان تعلق ڪنهن حد تائين گهٽ ٿيو وڃي. ننڊ جي اچڻ سان ٿڪ، غم ۽ ڳڻتيون لهيو وڃن ۽ پروٽين ٺهن ٿيون. جيڪي انسان لاءِ تمام ضروري آهي.

ننڊ ۾ دماغ سستل ۽ آرام ۾ رهي ٿو. سندس هيٺيان حصا ڪم ڪندا رهن ٿا.

ننڊ پُر سڪون هوندي آهي. جنهن ۾ انسان جي وڃايل شڪتي بحال ٿيندي آهي. ننڊ هڪ ضرورت آهي، جيئن بک هڪ ضرورت آهي، ننڊ سوريءَ تي به نه ڇڏيندي آهي.

جيئن ننڊ جو اچڻ هڪ قدرتي عمل آهي. اهڙو ڪو انسان ورلي ملندو، جيڪو دعويٰ سان چئي ته مون پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ به رات اهڙي نه ڏٺي آهي، جنهن ۾ مون پاسا ورائيندي ننڊ کي ياد ڪندي، پنهنجي گهڙيءَ کي ڏسندي صبح نه ڪئي هجي. ننڊ جي اچڻ لاءِ چئن طبقن مان لنگهڻو پوي ٿو. آخري چوٿين طبقي ۾ گهاٽي ۽ گهري ننڊ اچي ٿي. ڪيترن نفسياتي ۽ جسماني بيمارين ۾ ننڊ ڦٽيو وڃي. مثلاً دم، سهڪو، ڳڻتي، اداسي، مايوسي، ماليخوليا پر انهن جو جڏهن علاج ڪبو آهي ته ننڊ به بهتر ٿي ويندي آهي.

ننڊ ٽن طريقن سان ڦٽندي آهي.

1. يا ته ننڊ شروع ۾ ايندي نه آهي. ڏاڍي تڪليف ۽ دير سان پاسا ورائيندي

اهڙي طرح ساهه کڻڻ جو عمل هلندو رهي ٿو. ٻڪيون، دل، آنڊا ۽ معدو پنهنجو ڪم ڪندا رهن ٿا جيتوڻيڪ اهي آهستي آهستي ڪم ڪن ٿا. سڄي رات جي ننڊ ۾ اٽڪل ويهه ڪن دفعا پاسا ورايون ٿا. اٽڪل ٽيهه ڪن وار ڪرن ٿا. ننڊ هلڪي سني، گهري، گهاٽي ۽ خواب به ٿي سگهي ٿي. گهاٽي

**ننڊ هڪ اهڙي شئي آهي، جيڪا اچي سيني وٽ ٿي، پر ڏٺي ڪنهن به ڪانهي.**

فون:
23342

نمبر جي . سي / جي - 148 / 1586
آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر
ڪوٽڙي بئريج ڊويزن ڄامشورو
تاريخ: 12-6-1993

# آڪشن نوٽيس

هيٺ صحيح ڪندڙ ڊائون اسٽريم آف ڪوٽڙي بئريج هيڊ ورڪس وٽ پوليس گارڊ چوڪي پنيان هڪ سال جي عرصي لاءِ جيڪو 7.1993 .1 کان 30.6.1994 تائين هوندو، ڪينٽين واسطي هڪ پلاٽ جنهن جي سائيز ڊيگهه ۽ ويڪر ۾ 20 فوٽ X 15 فوٽ، ڪل ايراضي 300 چورس فوٽ آهي,ليز تي ڏيڻ لاءِ صبح جو 10 وڳي رائيٽ بئنڪ بئريج ڪالوني ۾ واقع آفيس ۾ هيٺين ضابطن ۽ شرطن تي پبلڪ آڪشن وسيلي نيلام ڪندو.

1. دلچسپي رکندڙ شخص ڪي ايگزيڪيوٽو انجنيئر ڪوٽڙي بئريج ڊويزن جي نالي ۾ ڪنهن مجيل بئنڪ وٽان =/1000 روپيا ڪال ڊپازٽ طور 26 جون 1993 يا ان کان اڳ ۾ جمع ڪرائڻا پوندا. تنهن کان پوءِ ڪيس ڪليل نيلام ۾ حصو وٺڻ ڏنو ويندو.
2. سڀ کان وڏي واڪ ڏيندڙ کي واڪ ختم ٿيڻ مهل سڄي ليز واري رقم جو 25 سيڪڙو تڏي تي ادا ڪرڻو پوندو ۽ ليز واري رقم جو هڪ ربع تي 5% لوڪل فنڊ ڏيڻو پوندو. ليز واري رقم جو بقايا 75 سيڪڙو ۽ ان تي مٿي ڄاڻايل مقامي محصول ڪيس 3 هڪ جيترين قسطن ۾ هيٺ ڄاڻايل مقرر تاريخن تي ادا ڪرڻو پوندو.
   - ٻي قسط 1.10.1993 تي يا ان کان اڳ ۾.
   - ٽين قسط 1.1.1994 تي يا ان کان اڳ ۾.
   - چوٿين قسط 1.4.1994 تي يا ان کان اڳ ۾.
3. اهڙي حالت ۾ جڏهن وڏو واڪ ڏيندڙ واڪ ختم ٿيڻ مهل گهربل رقم مٿي ڄاڻايل انداز مطابق ادا نه ڪري سگهي ته ليز جا حق ٻيهر نيلام ڪيا ويندا ۽ ڪنهن به قسم جو ٿيل نقصان قصور وار کان لينڊ روينيو واري قانون هيٺ پرايو ويندو.
4. وڏي واڪ ڏيندڙ کي =/10000 روپيا سيڪيورٽي ڊپازٽ طور ادا ڪرڻا پوندا.
5. سڀ کان وڏي واڪ ڏيندڙ کي نان جڊيشل اسٽامپ پيپر تي ايتري ملهه جي برابر ملڪيت رکندڙ جي حيثيت بابت هڪ معاهدو ڪرڻو پوندو جنهن جي قيمت پڻ واڪ ڏيندڙ کي برداشت ڪرڻي پوندي.
6. اهڙا شخص جن جو واڪ / ليز آڪشن جي ضابطن ۽ شرطن جي بجا آوري نه ڪرڻ ڪري ۽ ليز ۾ ٻي ڪنهن قصور وار هئڻ ڪري، ڪينسل ڪيو ويو هجي، تن کي پبلڪ آڪشن ۾ حصي وٺڻ جي اجازت نه هوندي.
7. شرطن وارو ڪو به ٺيڪو نه مڃيو ويندو.
8. هيٺ صحيح ڪندڙ ۽ سپرنٽنڊنٽ انجنيئر ڀاڳاڙ سرڪل حيدرآباد ڪنهن به هڪ يا سڀني واڪن کي رد ڪرڻ جو بنا ڪنهن سبب ٻڌڻ جي حق محفوظ رکن ٿا.
9. ليز وٺڻ واري کي هر مهيني باقاعدگي سان بجلي ۽ پاڻي جون چارجز ادا ڪرڻيون پونديون.
10. ليز بابت شرط ۽ ضابطا ڪنهن به ڪم واري ڏينهن تي هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ڪم واري وقت دوران ڏسي سگهجن ٿا.

صحيح
ايگزيڪيوٽو انجنيئر
ڪوٽڙي بئريج ڊويزن ڄامشورو

انفرميشن ڪراچي 3215

# ڦليلي ڪئنال ڊويزن حيدر آباد نمبر ٽي سي / جي - 55 / 1278

فون 611168 - تاريخ 7.6.93

## ٽينڊرن گهرائڻ جو نوٽيس

اريگيشن کاتي وٽان منظور ٿيل ٺيڪيدارن کان هيٺ ڄاڻايل ڪمن لاءِ فارم بي - 1 تي مهر بند ٽينڊر گهربل آهن.

| جريان نمبر | ڪم جو نالو | ڪٽيل رقم | سوٽي رقم | ڪم جو مدو |
|---|---|---|---|---|
| 1. | نئين ڦليلي سان گڏ R.D 23, L/Side جي ڪمزور ڪناري جي مرمت | 25000/= روپيا | 500/= روپيا | 15 ڏينهن |
| 2. | نئين ڦليلي سان گڏ R.D.24,L Side جي ڪمزور ڪناري جي مرمت | 25000/= روپيا | 500/= روپيا | 15 ڏينهن |
| 3. | آرڊي 24 رائيٽ سائيڊ نيو ڦليلي سان گڏ گرينس ڊبل جي تعمير | 25000/= روپيا | 500/= روپيا | 15 ڏينهن |
| 4. | آر ڊي 28 + 500 ايل / سائيڊ نيو ڦليلي سان گڏ گرينس ڊبل جي تعمير | 25000/= روپيا | 500/= روپيا | 15 ڏينهن |
| 5. | آر ڊي 30 ايل سائيڊ نيو ڦليلي سان گڏ گرينس ڊبل جي تعمير | 25000/= روپيا | 500/= روپيا | 15 ڏينهن |
| 6. | آرڊي 32 آر سائيڊ سان گڏ نيو ڦليلي ڊبل گرينس جي تعمير. | 25000/= روپيا | 500/= روپيا | 15 ڏينهن |
| 7. | نيو ڦليلي سان گڏ آر ڊي 47، 48 سنگل گرينس جي تعمير | 25000/= روپيا | 500/= روپيا | 15 ڏينهن |
| 8. | نيو ڦليلي سان گڏ آرڊي 57 آر سائيڊ ڊبل گرينس جي تعمير | 25000/= روپيا | 500/= روپيا | 15 ڏينهن |
| 9. | نيو ڦليلي سان گڏ آر ڊي 63 آر سائيڊ ڊبل گرينس جي تعمير | 25000/= روپيا | 500/= روپيا | 15 ڏينهن |
| 10. | نيو ڦليلي آرڊي 63 آر سائيڊ سان گڏ ڊبل گرينس جي تعمير | 25000/= روپيا | 500/= روپيا | 15 ڏينهن |

2. هيٺ صحيح ڪندڙ جي دفتر مان ٽينڊرن جا سادا فارم 50 روپين جي ملهه تي 7.7.1993 منجهند جو 12 لڳي تاءِ ڪنهن به ڪم واري ڏينهن تي حاصل ڪري سگهجن ٿا. انڪاپوءِ ڪو به ٽينڊر جاري نه ڪيو ويندو.

3. ٽينڊر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ 8.7.1993 تي منجهند جو 12 لڳي تائين واپس ورتا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن 1 لڳي منجهند جو اگر هيٺ صحيح ڪندڙ هيڊ ڪوارٽر ۾ موجود هوندو، نه ته ٻئي ڏينهن تي اتي موجود ٽينڊر ڏيندڙن جي سامهون کوليا ويندا.

4. سوٽي رقم 2 سيڪڙو رسيدي چالان يا ڪنهن به مڃيل بئنڪ وٽان ايگزيڪيوٽو انجنيئر ڦليلي ڪئنال ڊويزن حيدر آباد جي نالي ۾ ڊپازٽ ڪيل، ٽينڊرن جي فارم جي وصولي لاءِ درخواست سان گڏ شامل ڪرڻ گهرجن مٿي. ڄاڻايل ڪال ڊپازٽ ڪانسواءِ ڪو به ٽينڊر جاري نه ڪيو ويندو.

5. حصي وٺڻ وارن ٺيڪيدارن کي آنهن جي 1993 واسطي انلسٽمنٽ ۽ انڪم ٽيڪس ڊپارٽمنٽ ۾ رجسٽريشن جو ثبوت پيش ڪرڻو پوندو.

6. اگهن ۾ سيئي ٽيڪسس، آڪٽراءِ چارجز، پيڪنگ ۽ ٽرانس چارجز وغيره شامل ڪرڻ گهرجن.

7. مجاز اٿارٽي بغير ڪنهن سبب ٻڌائڻ جي ڪنهن به هڪ يا سڀني ٽينڊرن کي رد يا منظور ڪرڻ جو اختيار رکي ٿي.

صحيح
ايگزيڪيوٽو انجنيئر
ڦليلي ڪئنال ڊويزن حيدر آباد

آئي. اين. ايف. / ڪي. آر. وائي - 3220

# صحت سڌ سماءُ

## سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي ارڙهين ساليانيءَ ڪنوينشن ۾ پڙهيل ساليانيءَ ڪارڪردگي رپورٽ مان صحت بابت حال احوال

سنڌ ۾ اوهان کي اهڙا اڪيچار ماڳ نظر ايندا جتي ماڻهو تہ جام رهن ٿا ليڪن سڌريل زندگيءَ جي علامت ڪنهن کي نظر نہ ايندي. ٻيون ڳالهيون تہ پري رهيون ليڪن صحت جي سلسلي ۾ ڦٽ تي ڪو پٽي ٻڌڻ وارو بہ نظر نہ ايندو. ويڄ طبيب تہ پري رهيا ليڪن ڪو ڪوڙو ڪمپائونڊر بہ موجود نہ آهي. اتي جڏهن ماڻهو بيمار ٿيندا آهن تہ انهيءَ کي قدرتي آفت يا پنهنجي اڻ ڄاتل ڏوهن جي سزا سمجهي بيماريءَ کي قبول ڪندا آهن جيڪا هڪ ڏينهن سندن زندگيءَ جو انت آڻيندي آهي. خبر نہ آهي تہ ڇو سرڪار جي اک اهڙن ماڳن کان ترڪي وڃي ٿي. پر جيڪڏهن ڪٿي ڪا سرڪاري اسپتال قائم بہ ڪئي وئي آهي تہ نہ اتي ڊاڪٽر آهي ۽ نہ ڪو ويڄ، دوا بدران زهر بہ موجود نہ هوندو جو ماڻهو عذاب کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري. اهڙي صورتحال کي سامهون رکندي ايسوسيئيشن اهڙن ماڳن تي انهن ڏينهن واري اسپتال يعني جمع ڪلينڪ قائم ڪرڻ جو پهہ ڪيو. هي ڪلينڪ هر جمع تي کلندي آهي، ايسوسيئيشن طرفان ڊاڪٽر ويندو آهي ۽ اتي جي ماڻهن جي سهڪار سان بيمارن جو علاج ڪندو آهي. جنهن ڪري ڪنهن حد تائين ماڻهن بيمارين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ شروع ڪيو آهي. هن اسپتال ذريعي خاص اهڙن مريضن جو علاج سولو ٿي پيو آهي جيڪي ٽيڊ ق جهڙي موذي مرضن ۾ مبتلا آهن. دوائون ايسوسيئيشن طرفان مفت ڏنيون وينديون آهن. اهي جمع ڪلينڪ سال 1992ع تائين هيٺين ڳوٺن ۾ قائم ڪيون ويون آهن.

1. ڳوٺ ڏنو ماڇي ضلع شڪارپور
2. ڳوٺ ڏيتا ضلعو شڪارپور
3. ڳوٺ ماڻڪ ضلعو جيڪب آباد
4. ڳوٺ نائچ ضلعو جيڪب آباد
5. ڳوٺ گلاب ماڙي ضلعو جيڪب آباد
6. ڳوٺ علي مردان تنيو ضلعو خيرپور
7. ڳوٺ لعل بخش سولنگي ضلعو خيرپور
8. ڳوٺ حاجي محمد بخش سولنگي ضلعو نوابشاهہ
9. ڳوٺ ٽٽو ڪيريو ضلعو نوابشاهہ
10. ڳوٺ ٽڳڙ ضلعو لاڙڪاڻو
11. ڳوٺ ڪوڏ ڀاٽوجا ضلعو حيدر آباد
12. ڳوٺ الله يار چاچڙ ضلعو سکر
13. ڳوٺ ميون ملوڪ ضلعو بدين
14. ڳوٺ مرزو ڊلواڻي ضلعو بدين
15. ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ ضلعو دادو
16. ڳوٺ خدا آباد ضلعو دادو
17. ڳوٺ قاضي پير محمد سولنگي ضلعو دادو
18. ڳوٺ حافظ رجب پنهور ضلعو دادو
19. ڳوٺ پڪا چنا ضلعو دادو
20. ڳوٺ حاجي صالح جمالي ضلعو دادو
21. ڳوٺ سليمان ڏاهري ضلعو سانگهڙ
22. ڳوٺ نوح پٽي ضلع ٺٽو
23. ڳوٺ ڀٽائي آباد ضلعو ڪراچي اوڀر
24. ڳوٺ خير محمد جوکيو ضلعو ڪراچي اوڀر

مٿيون ڪلينڪون ايسوسيئيشن جي هيٺين شاخن جي سار سنڀال هيٺ هلي رهيون آهن. شڪارپور، ٺل، ڪشمور، جيڪب آباد، هنگورجا، نوابشاهہ، سڪرنڊ، نئون ديرو، هالا، گهوٽڪي، بدين، تلهار، ميهڙ، خدا آباد، ڦلجي اسٽيشن، دادو، سيوهڻ، جوهي، شاهپور چاڪر، ٺٽو، گلشن حديد ۽ ڪراچي.

رپورٽ پڙهندي ايسوسيئيشن جي سيڪريٽري جنرل محترم ولي محمد

روشن چيو هو تہ مان هتي اها ڳالهہ ڪرڻ پنهنجي ديانتداري ٿو سمجهان تہ هن هيڏي ساري ڪم ۾ اسان سان بين الاقوامي ادارو ٽرسٽ فار والنٽري آرگنائيزيشن سهڪاري آهي ۽ هن نيڪ ڪم ۾ اسان جي مالي مدد ڪري رهيو آهي. هن رٿا تحت هن مهل تائين اٽڪل 13834 مريضن جو علاج ڪري چڪا آهيون. هنن ڪلينڪن جي خاص ڳالهہ هيءَ آهي تہ هنن اسپتالن مان انهن ڳوٺن جا ٻار ۽ عورتون فيضياب ٿي رهيون آهن. مٿين ڪلينڪن مان 18 جمع ڪلينڪ سال 1992ع دوران قائم ڪيون ويون.

صحت جي مد ۾ سال 1992ع دوران هنگورجا، سيوهڻ، ميهڙ، سڪرنڊ، مانجهند، گهوٽڪي، هالا ۽ دادو ۾ هميشهہ وانگر اکين جون مفت ڪئمپون لڳايون ويون جن ذريعي 2188 آپريشن ڪيا ويا جڏهن تہ 1993ع ۾ مريضن جي اکين جي تپاس ڪري ڪين دوائون ڏنيون ويون. هنن ڪئمپن ۾ ڊاڪٽر طالب شيخ، ڊاڪٽر نعمت سيال، ڊاڪٽر ابرار، ڊاڪٽر گلزار شيخ، ڊاڪٽر منظور مرزا، ڊاڪٽر اڪبر حيدر سومرو، ڊاڪٽر شاهد وهاب اسان سان سهڪار ڪيو ۽ ڪئمپن ۾ اکين جا مفت آپريشن ڪيا جن لاءِ سندن نهايت ٿي ٿورائتا آهيون.

انهي کان سواءِ سوسائٽي فار پروينشن ۽ ڪيور آف بلائينڊنيس ۽ سنڌ سرڪار جا پڻ ٿورائتا آهيون جن جي سهائتا اسان ۾ اهڙي خدمت جي سگهہ پيدا ڪئي.

سال 1992ع دوران چمڙيءَ جي بيمارين خلاف سنڌ ۾ مٿاچ ڳوٺ ڪراچي، پنوعاقل، جاتي، خدا آباد، سيوهڻ، نئون ديرو، ميهڙ، تلهار، ڪڙيو گهور، گهوٽڪي، ڪوڏ ياٺوجا، کهڙا ۽ شڪارپور ۾ 13 مفت ڪيمپون لڳايون ويون جنهن ۾ ڪل 12102 مريضن جو علاج ڪيو ويو. هنن ڪيمپن ۾ ويلفيئر ايسوسيئيشن فار ڊرماٽالاجيڪل پيشنٽس جي هيٺين ڊاڪٽرن سهڪار ڪيو:

ڊاڪٽر دولت پنجاٹي، ڊاڪٽر منظور احمد ميمڻ، ڊاڪٽر بدر ڏناٽي، ڊاڪٽر رخسانہ ڪوچنوالا، ڊاڪٽر رشيد لاڪير، ڊاڪٽر غلام حيدر شيخ، ڊاڪٽر حفيظ شيخ، ڊاڪٽر نسيم اختر، ڊاڪٽر مسعود بلوچ، ڊاڪٽر امتياز علي، ڊاڪٽر وزير بوزدار، ڊاڪٽر آفتاب احمد، ڊاڪٽر اقبال ميمڻ، ڊاڪٽر جميل بلوچ، ڊاڪٽر امار ڪرماني، ۽ ڊاڪٽر شفيع. ايسوسيئيشن پاران انهن ڊاڪٽرن جا نهہ دل سان ٿورا مڃيا ويا، ماءُ ۽ ٻار صحت مرڪز سيوهڻ ايسوسيئيشن جو پراڻو صحت گهر آهي. جيڪو ڪاميابيءَ سان هلي رهيو آهي ليڪن 1992ع ۾ خانداني منصوبہ بنديءَ جو شعبو پڻ هن ۾ کوليو ويو آهي. جنهن ۾ نان گورنمينٽل آرگنائيزيشن ڪوآرڊينيشن ڪائونسل مالي سهڪار ڪري رهي آهي.

مريضن کي مختلف جڳهن تي آڻڻ ۽ نيڻ لاءِ ايسوسيئيشن جي مختلف شاخن ۾ ايمبولنس مرڪز کوليا ويا آهن. هن مهل تائين ڪراچي، حيدرآباد، هالا، خيرپور، سيوهڻ، دادو، ميهڙ، گهوٽڪي، ڪشمور ۽ شڪارپور ۾ ايمبولنس مرڪز کوليا ويا آهن.

جمع ڪلينڪن جي باقائده پرگهور لهڻ لاءِ ڪلينڪن جي انچارجن يعني واسطيدار شاخن جي نائب صدر جي سيپٽمبر 1992ع ۾ ڪراچيءَ ۾ تربيت جو بندوبست ڪيو ويو تہ جيئن انهن ننڍڙين اسپتالن کي ڪاميابيءَ سان هلائي عوام لاءِ سهوليت پيدا ڪئي وڃي.

## گهريلو گند ڪچري کي ساڙڻ يا مٽي ۾ پورڻ سان بيمارين کي روڪي سگهجي ٿو

جراثيم مکين سان پکڙجندا آهن ۽ مکيون کائڻ پيئڻ جي پاروٿين شين، ميوات ۽ گندين جڳهين تي بيضا لاهينديون آهن. هر گهر ۾ هڪ کڏ هئڻ ضروري آهي جنهن ۾ انهي گندگي کي پوري چڏجي يا وري کنهن بند دٻي ۾ اڇلائي ۽ مناسب وقت تي اُن کي ساڙي ڇڏجي.

وِڦَنْ ويڄن وَٽِ، جي سِڪين تہ سَڳعو ٿيين (شاھ)

ماهوار

ويڄ

ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

**• جيڪڏهن اوهان چاهيون ٿا تہ**

- سنڌيءَ ۾ صحت بابت پهريون رسالو ماهوار ويڄ باقاعدگيءَ سان اوهانجي هٿن ۾ هر مهيني پهچي.
- سنڌي جو هي نرالو رسالو بنا ڪنهن مالي بحران جي هلندو رهي.
- ٻولي جي واڌاري ۽ ارتقا ۾ اوهانجو حصو شامل هجي.

**تہ پوءِ**

- اڄ ئي ماهوار ويڄ جي سالياني خريداري جو ڪوپن ڀري موڪليو
- ڪوپن سان گڏ سالياني خريداري جو چندو هڪ سؤ پنجويهہ روپيا / ڇهہ ماهي خريداري جو چندو ٦٥ روپيا بئنڪ ڊرافٽ / چيڪ ذريعي موڪليو.
- بئنڪ ڊرافٽ / چيڪ "ماهوار ويڄ" ( *Monthly WAIJ* ) جي نالي ۾ ٺهيل هجي.
- ڪوپن ۽ بئنڪ ڊرافٽ / چيڪ هيٺين پتي تي عام پوسٽ واري لفافي ذريعي موڪليو

*** مئنيجنگ ايڊيٽر ماهوار ويڄ جي.پي.او باڪس نمبر 568 ڪراچي**

## خريداري جو فارم

منهنجو نالوماهوار ويڄ جي سالياني/ ڇهہ ماهي خريدارن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو وڃي. مان سالياني/ ڇهہ ماهي چندي جو چيڪ / بئنڪ ڊرافٽ هن فارم سان گڏ موڪلي رهيو آهيان.

نالو (ذات سان گڏ) ________________________

ائڊريس ________________________

________________________

________________________

شامل چيڪ / بئنڪ ڊرافٽ جو نمبر ________________________

صحيح ______________ تاريخ ______________

# ٻار مستقبل جا معمار ۽ ملڪ جو خزانو آهن
# صحتمند زندگي ۽ صحتمند ماحول انهنجو حق آهي

- ٻار ڄمڻ کانپوءِ هڪ ڪلاڪ جي اندر ماءُ جو کير پياريو.
- ڇهن مهنن جي ٻار کي ماءُ جي کير سان گڏوگڏ نرم خوراڪ جيئن ڪچڙي، ڪيلا، ڏريو، ڏوڌ شروع ڪرايو.
- ٽن سالن کان گهٽ عمر جي ٻار کي ڏينهن ۾ چار، پنج دفعا کاڌو کارايو.
- پهرئين سال جي اندر اندر ٻارن کي حفاظتي ٽڪن جو ڪورس پورو ڪرايو.
- دستن جي صورت ۾ ٻار کي ماءُ جي کير سان گڏوگڏ نرم کاڌا ضرور ڏيو ۽ او.آر.ايس ۽ ٻيون مشروبات (پيئڻ جون شيون) گهٽي ۾ گهٽيون استعمال ڪرايو.
- بيماري ختم ٿيڻ کانپوءِ ٻار کي وڌيڪ خوراڪ ڏيو جيئن واڌ جي گهٽتائي جو پورائو ٿئي.
- ٻار کي صحتمند رکڻ لاءِ هر مهيني سندس وزن ڪرايو.
- هڪ صحتمند ٻار جو وزن ٥ مهينن ۾ پيدائشي وزن کان ٻيڻو ۽ هڪ سال جي عمر ۾ ٽيڻو هجڻ گهرجي.




پراونشل هيلٿ ايجوڪيشن سيل
هيلٿ ڊائريڪٽوريٽ جنرل سنڌ